# سنڌ آرڊيننس نمبر VIII مجريه 1993
# SINDH ORDINANCE NO.VIII OF 1993
# سنڌ ڪول اٿارٽي آرڊيننس، 1993
# THE SINDH COAL AUTHORITY ORDINANCE, 1993
# فهرست(CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

باب _I

شروعات

Chapter_I

Preliminary

1.مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2.وصفون

Definitions

باب _II

اٿارٽي جو قيام، اختيار ۽ ڪم

Chapter_II

Establishment, Powers and Functions of the Authority

3.اٿارٽي ۽ ان جي آفيسز جو قيام

Establishment of the Authority and its offices

4.اٿارٽي جا ڪم

Functions of the Authority
5.اٿارٽي جا اختيار ۽ ذميداريون
Powers and Duties of the Authority
6.اٿارٽي جي معاملن جو انتظام
Administration of the affairs of Authority
7.بورڊ جي جوڙجڪ
Constitution of the Board
8.ميمبرز جي نااهلي
Disqualifications of members
9.نان آفيشل ميمبرز جو معاوضو ۽ الائونسز
Remuneration and allowances to the non_official members

باب_III

اٿارٽي جي عملدارن جي مقرري ۽ انهن جا اختيار ۽ ڪم

Chapter_III

Appointment and powers and functions of the functionaries of the Authority

10.ڊائريڪٽر جنرل
Director General
11.آفيسرز ۽ عملي جي مقرري
Appointment of Officers and staff
12.مالياتي ۽ فني ڪميٽيز جي مقرري
Appointment of financial and technical committees
13.چيئرمين جا اختيار ۽ ڪم
Powers and Functions of the Chairman
14.ڊائريڪٽر جنرل جا اختيار ۽ ڪم

Powers and Functions of the Director General

15.بورڊ جون گڏجاڻيون

Meetings of the Board

باب _IV

ماليات، آڊٽ ۽ اڪائونٽس

Chapter_IV

Finance, Audit and Accounts

16.فنڊ

Fund

17.اڪائونٽس ۽ آڊٽ

Accounts and Audit

18.رهتن جي وصولي

Recovery of dues

19.هدايت ڏيڻ لاءِ حڪومت جا اختيار

Powers of Government to give direction

20.اختيارن جي منتقلي

Delegation of Powers

21.سرڪاري ملازم

Public Servant

22.قدمن ۽ ڪارروائين جو موثر هئڻ

Validation of acts and proceedings

23.قاعدا

Rules

24.ضابطا

Regulations

## 25.ضابطا جوڙڻ جو اختيار
## Power to make regulations

# سنڌ آرڊيننس نمبر VIII مجريه 1993
# SINDH ORDINANCE NO.VIII OF 1993
# سنڌ ڪول اٿارٽي آرڊيننس، 1993
# THE SINDH COAL AUTHORITY ORDINANCE, 1993

[28 جولاءِ 1993]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ ڪول اٿارٽي قائم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ صوبي ۾ ڪوئلي جي ڳولا، ترقي، پروسيسنگ، استحصال، مائيننگ ۽ استعمال لاءِ اٿارٽي جو قيام ضروري ٿي پيو آهي ۽ ان سان لاڳاپيل قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

۽ جيئن ته صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نه آهي ۽ گورنر مطمئن آهي ته موجوده حالتن کي نظر ۾ رکندي فوري قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوري پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ڪندي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

## باب-I

## شروعاتي

# Chapter_I

## Preliminary

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1.(1)هن آرڊيننس کي سنڌ ڪول اٿارٽي آرڊيننس، 1993 سڏيو ويندو.

(2)هي پهرين جولاءِ 1993 تي ۽ کان لاڳو ٿيندو.

وصفون
Definitions

2.هن آرڊيننس ۾ جيستائين ڪجهه مضمون ۽ مفهوم جي متضاد نہ هجي، تيستائين:

(a) "اٿارٽي" مطلب هن آرڊيننس تحت جوڙيل سنڌ ڪول اٿارٽي؛

(b)"بورڊ" مطلب هن آرڊيننس تحت جوڙيل بورڊ؛

(c) "چيئرمين" مطلب بورڊ جو چيئرمين؛

(d)"ڪول" مطلب زمين جي سطح هيٺان ۽ بشمول ڪوئلي جي کاڻ مان مليل معدنيات؛

(e)"ڊائريڪٽر جنرل" مطلب اٿارٽي جو ڊائريڪٽر جنرل؛

(f) "فنڊ" مطلب اٿارٽي جو فنڊ؛

(g)"حڪومت" مطلب سنڌ حڪومت؛

(h) "ميمبر" مطلب بورد جو ميمبر؛

(i) "بيان ڪيل" مطلب قاعدن ۽ ضابطن موجب بيان ڪيل؛

(j) "ضابطا" مطلب هن آرڊيننس تحت جوڙيل ضابطا؛

(k)"قاعدا" مطلب هن آرڊيننس تحت جوڙيل قاعدا.

# باب _II

## اٿارٽي جو قيام، اختيار ۽ ڪم

# Chapter_II

## Establishment, Powers and Functions of the Authority

اٿارٽي ۽ ان جي آفيسز جو قيام
Establishment of the Authority and its offices

3.(1) هن آرڊيننس جي شروعات کان پوءِ جيترو جلدي ٿي سگهي، حڪومت هن آرڊيننس جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي اٿارٽي قائم ڪندي، جنهن کي سنڌ ڪول اٿارٽي سڏيو ويندو.

(2) اٿارٽي باڊي ڪارپوريٽ هوندي، جنهن کي حقيقي وارثي ۽ عام مهر سان گڏ هن آرڊيننس جي گنجائشن موجب ٻنهي قسم جي متحرڪ ۽ غير متحرڪ ملڪيت حاصل ڪرڻ، رکڻ ۽ نيڪال ڪرڻ جو حق حاصل هوندو ۽ ڄاڻايل نالي سان ڪيس ڪري سگهندي ۽ ان تي ڪيس ٿي سگهندو.

(3)اٿارٽي جي هيڊ آفيس ڪراچي ۾ هوندي يا اهڙي ٻئي هنڌ تي جيئن حڪومت طئي ڪري.

(4)اٿارٽي کي اختيار حاصل هوندو ته اهڙن هنڌن تي ريجنل آفيسز قائم ڪري، جتي اها ضروري سمجهي.

اٿارٽي جا ڪم
Functions of the

4.اٿارٽي:

(a) ڪول ڊولپمينٽ سان لاڳاپيل سرگرمين جي رفتار

Authority | وڏائيندي ۽ خاص طور تي منصوبابندي، تشهير ڪرڻ، انتظام ڪرڻ، ان سلسلي ۾ جوڳا پروجيڪٽس شروع ڪرڻ ۽ ڪوئلي جي ڳولا، ترقي، استحصال، مائيننگ، پروسيسنگ ۽ استعمال لاءِ پروگرام تي عملدرآمد لاءِ ذميدار هوندي؛

(b) هن آرڊيننس تحت اسڪيمون تيار ڪندي ۽ عمل ڪندي ۽ اهڙا قدم کڻندي جيڪي اهڙين اسڪيمن تي عمل ڪرڻ جي سلسلي ۾ ضروري هجن؛

(c) محفوظ ڪرڻ، ترقي ونرائڻ، ڪم ڪرڻ ۽ ڪوئلي جي ذخيرن جو ڪاٿو لڳائڻ لاءِ جيولاجي جي استعمال سان لاڳاپيل سمورن معاملن ۾ حڪومت کي مشورو ڏيڻ؛

(d) صوبي جي ڪوئلي جي وسيلن جي تحقيق ۽ ترقيءَ جي سرگرمين جا نتيجا عام معلومات لاءِ وقت بوقت شايع ڪرڻ؛

(e) گڏيل منصوبن خاص طور تي صوبي جي ڪوئلي جي وسيلن جي ترقي لاءِ پرڏيهي سيڙپڪارن سان منصوبن کي هٿي ونرائڻ؛

(f) اهڙا قدم کڻڻ جيڪي مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ضروري يا فائديمند هجن.

وضاحت: منصوبابندي ۾ شامل آهي استڊيز، سرويز، تجربا ۽ سائنسي ۽ فني ڪاٿا لڳائڻ، جڏهن تہ تشهير، آرگنائيزنگ ۽ پروگرامز تي عملدرآمد ۾ شامل آهن انفرااسٽرڪچر جوڙڻ، سمورو ماحول بشمول سروس سهولتن جي جهڙوڪ روڊز،

پاڻي، بجلي، گئس، هنر مند ۽ غير هنرمند مزدور، پروفيشنل ماڻهو لينڊ ڊولپمينٽ ۽ مالياتي سهولتون ۽ لاڳاپيل سهولتون جيڪي سڏيءَ ريت ڪول ڊولپمينٽ اسڪيمز ۽ منصوبن تي عملدرآمد لاءِ گهربل هونديون.

اٿارٽي جا اختيار ۽ ذميداريون
Powers and Duties of the Authority

5.اٿارٽي کي اختيار هوندا تہ:

(a)متحرڪ يا غير متحرڪ ملڪيت حاصل ڪري، مٿان ضابطو رکي ۽ انتظام ڪري؛
(b)ڪنهن ملڪيت جو نيڪال ڪري؛
(c)هن آرڊيننس جي مقصد لاءِ ڪا اسڪيم جوڙي ۽ لاڳو ڪري؛
(d)هن آرڊيننس جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ڪي خرچ حاصل ڪري؛
(e)اهڙن سمورن ٺيڪن ۾ داخل ٿئي ۽ مڪمل ڪري، جيڪي اها ضروري سمجهي؛
(f)اهڙو سامان ۽ اوزار حاصل ڪري، جيڪي اها پنهنجي جوڳي نموني ڪم ڪرڻ لاءِ ضروري سمجهي.

اٿارٽي جي معاملن جو انتظام
Administration of the affairs of Authority

6.(1) هن آرڊيننس جي گنجائشن ۽ قاعدن ۽ ضابطن موجب، اٿارٽي جي عام هدايت ۽ انتظام دفعہ 7 تحت جوڙيل بورڊ وٽ هوندا، جيڪو سمورا اختيار استعمال ڪري سگهي ٿو ۽ اهڙا سمورا قدم کڻي سگهي ٿو ۽ شيون ڪري سگهي ٿو، جيڪي اٿارٽي طرفان ڪيا ويڃا هجن يا ڪنيا ويڃا هجن.

(2) بورڊ پنهنجا ڪم سرانجام ڏيندي واپاري خدشن

تي ڪم ڪندو ۽ حڪومت طرفان اهڙين هدايتن ذريعي وقت بوقت هدايت ڪئي ويندي، جيڪي اها ڏئي.

(3)جيڪڏهن سوال اٿي ته ڪو معاملو پاليسي جو معاملو آهي يا نه ته حڪومت جو فيصلو حتمي هوندو.

بورڊ جي جوڙجڪ
Constitution of the Board

7. بورڊ مشتمل هوندو:

| | | |
|---|---|---|
| (i) | معدني ترقي، سنڌ جو وزير | چيئرمين |
| (ii) | ايڊيشنل چيف سيڪريٽري (ڊولپمينٽ) پلاننگ ۽ ڊولپمينٽ ڊپارٽمينٽ، حڪومت سنڌ | آفيشل ميمبر |
| (iii) | سيڪريٽري انڊسٽريز ۽ منرل ڊولپمينٽ، حڪومت سنڌ | آفيشل ميمبر |
| (iv) | سيڪريٽري فنانس ڊپارٽمينٽ، حڪومت سنڌ | آفيشل ميمبر |
| (v) | ڊائريڪٽر جنرل سنڌ ڪول اٿارٽي | آفيشل ميمبر |
| (vi) | حڪومت طرفان مقرر ڪيل ٻه نان آفيشل ميمبرز | نان آفيشل ميمبرز |

(2) ڊائريڪٽر جنرل بورڊ جو سيڪريٽري پڻ هوندو.

(3) بورڊ ڪنهن خاص مقصد لاءِ ڪنهن شخص کي ميمبر مقرر ڪري سگهي ٿو پر اهڙي شخص کي ووٽ جو

حق حاصل نہ هوندو.

(4)پنهنجي ڪم جي مقصد لاءِ مقرر ڪيل آفيشل ميمبر اهڙو عهدو ڇڏڻ تي ميمبر نہ رهندو.

(5)نان آفيشل ميمبر مقرري واري تاريخ کان هڪ سال جي مدي تائين عهدو رکي سگهندو ۽ اهڙي مدي لاءِ ٻيهر مقرري لاءِ اهل هوندو, جيئن حڪومت طئي ڪري.

(6)نان آفيشل ميمبر مدو پورو ٿيڻ کان اڳ ڪنهن بہ وقت, پنهنجي عهدي تان استعيفيٰ ڏئي سگهي ٿو يا حڪومت طرفان بنا سبب ٻڌائڻ جي عهدي تان هٽائي سگهجي ٿو.

ميمبرز جي نااهلي
Disqualifications of members

8. ڪو بہ شخص ميمبر نہ رهندو يا ميمبر طور جاري نہ رکي سگهندو, جيڪو:

(a)پاڪستان جو شهري ناهي;
(b)پاڳل آهي يا ذهني توازن وڃائي ويٺو آهي ٿو;
(c)بداخلاقي جي ڏوهہ ۾ ملوث آهي يا ڪنهن بہ وقت ۾ ملوث قرار ڏنو ويو هجي;
(d)آهي يا ڪنهن بہ وقت تي ڏيوالو قرار ڏنو ويو هجي;
(e)آهي يا ڪنهن بہ وقت تي سرڪاري ملازمت مان نااهل يا برطرف قرار ڏنو ويو هجي;
(f) هن آرڊيننس جي گنجائشن جي ڀڃڪڙي ڪري رهيو هجي;
(g) حڪومت جي اجازت کانسواءِ سڏيءَ ريت يا اڻ سڏيءَ ريت ڪنهن پروجيڪٽ يا اسڪيم يا اٿارٽي

جي ملڪيت ۾ ڪا مالي دلچسپي هجي.

نان آفيشل ميمبرز جو معاوضو ۽ الائونسز
Remuneration and allowances to the non official members

9.اٿارٽي نان آفيشل ميمبرز کي اهڙي معاوضي جي اجازت ڏئي سگهي ٿي، جيئن اها حڪومت جي منظوري سان طئي ڪري.

## باب _III

## اٿارٽي جي ڪارڪنن جي مقرري ۽ انهن جا اختيار ۽ انهن جا ڪم

## Chapter_III

## Appointment and powers and functions of the functionaries of the Authority

ڊائريڪٽر جنرل
Director General

10.(1) حڪومت اهڙي قابليت رکندڙ ۽ اهڙين شرطن ۽ ضابطن تي ڊائريڪٽر جنرل مقرر ڪندي، جيئن اها طئي ڪري.

(2) ڊائريڪٽر جنرل ڪل وقتي عملدار ۽ اٿارٽي جو چيف ايگزيڪيوٽو هوندو ۽ حڪومت طرفان تيستائين چوٽ ڏني ويندي، جيستائين اهو پاڻ کي ڪنهن بي ڪارپوريشن يا ڪمپني يا اٿارٽي جي ڪنهن ميمبرشپ سان الڳ نه ڪري.

(3) حڪومت ڊائريڪٽر جنرل کي هٽائي سگهي ٿي، جيڪڏهن اهو:

(a) ذميداريون نڀائڻ کان انڪار ڪري ٿو يا ناڪام ٿئي

ٿو يا حڪومت جي نظر ۾ هن آرڊيننس تحت پنهنجون ذميداريون نڀائڻ کان نااهل ٿي وڃي ٿو. يا

(b)ڊائريڪٽر جنرل طور پنهنجي حيثيت کي خراب ڪري ٿو.يا

(c)حڪومت کان لکت ۾ اجازت کانسواءِ ڪنهن ملڪيت، اسڪيم، پروجيڪٽ يا اٿارٽي جي ٻئي ڪنهن اثاثي ۾ ڪو حصو يا مفاد سڌيءَ ريت يا اڻ سڌويءَ ريت حاصل ڪري ٿو يا حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو.

آفيسرز ۽ عملي جي مقرري
Appointment of Officers and staff

11.(1) اٿارٽي پنهنجي ڪمن جي بهتر ڪارڪردگي لاءِ اهڙا عملدار، صلاحڪار، مشير ۽ ٻيو عملو جيڪو گهربل پروفيشنل، ٽيڪنيڪل، منسٽيريل يا سيڪريٽيريل قابليت ۽ تجربو رکندو هجي ۽ اهڙين شرطن ۽ ضابطن تحت مقرر ڪري سگهي ٿي، جيئن ضابطن موجب بيان ڪيو ويو هجي.

(2)عملدار، صلاحڪار، مشير ۽ ٻيو عملو اهڙي انتظامي قدم جي لائق هوندو ۽ اهڙي طريقي جيئن ضابطن موجب بيان ڪيو ويو هجي.

مالياتي ۽ فني ڪميٽيز جي مقرري
Appointment of financial and technical committees

12.(1) اٿارٽي هن آرڊيننس جا مقصد جاري رکڻ لاءِ اهڙي مالياتي، فني يا مشاورتي ڪميٽيز جوڙي سگهي ٿي، جيئن ضروري سمجهي.

(2) ڪميٽيز اهڙن معاملن تي مشورو ڏينديون ۽ اهڙا ڪم سرانجام ڏينديون، جيڪي انهن کي بورڊ، چيئرمين يا

ڊائريڪٽر جنرل طرفان ريفر ڪيا يا سونپيا ويا هجن.

**چيئرمين جا اختيار ۽ ڪم**
**Powers and Functions of the Chairman**

13.(1) چيئرمين اهڙيون ذميداريون ادا ڪندو ۽ اهڙا ڪم سرانجام ڏيندو جيڪي ان کي هن آرڊيننس تحت يا طرفان سونپيا ويا هجن.

(2) جتي بورڊ نہ جوڙيو ويو هجي يا ڪا هنگامي صورتحال پيدا ٿئي، چيئرمين بورڊ جا اهڙا اختيار استعمال ڪري سگهي ٿو جيئن ضروري هجي، پر اهڙيءَ ريت استعمال ڪيل اختيار ۽ کنيل قدم جي سلسلي ۾ بعد ۾ فوري طور تي پهرين گڏجاڻيءَ ۾ انهن جي تصديق لاءِ بورڊ کي رپورٽ ڪيو ويندو.

**ڊائريڪٽر جنرل جا اختيار ۽ ڪم**
**Powers and Functions of the Director General**

14.هن آرڊيننس جي گنجائشن ۽ قاعدن ۽ چيئرمين جي عام ضابطي هيٺ، ڊائريڪٽر جنرل:

(a)اٿارٽي مٿان موثر ضابطو هوندو ۽ اٿارٽي جي روز مرهہ جي معاملن کي بهتر نموني هلائڻ جو ذميدار هوندو؛

(b) ذميدار هوندو تہ اٿارٽي تيزيءَ سان ضروري طور نگراني ڪري پئي، عملدرآمد ڪري پئي ۽ مڪمل ڪري پئيءِ موثر نموني اٿارٽي طرفان حڪمن، پروجيڪٽس يا اسڪيمن تي عملدرآمد ڪيو پيو وڃي؛

(c)اٿارٽي جي مالي ۽ ايگزيڪيوٽو ايڊمنسٽريشن جي نگراني ڪندو ۽ سونپيل سموريون ذميداريون ادا ڪندو ۽ هن آرڊيننس طرفان يا تحت مليل يا سونپيل سمورا اختيار استعمال ڪندو؛

(d)اٿارٽي جي عملدارن مٿان انتظامي ضابطو استعمال ڪرڻ جو اختيار هوندو.

| | |
|---|---|
| بورڊ جون گڏجاڻيون<br>Meetings of the Board | 15.(1) سمورو ڪاروهنوار اهڙي ريت ۽ اهڙي طريقي هلايو ويندو جيئن ضابطن موجب بيان ڪيو ويو هجي، بورڊ جي گڏجاڻين ۾ نيڪال ڪيو ويندو. |
| | (2) بورڊ جون گڏجاڻيون اهڙي طريقي ۽ اهڙي وقت تي ڪوٺايون وينديون، جيئن ضابطن موجب بيان ڪيو ويو هجي، بشرطيڪ جيستائين ضابطا جوڙيل ناهن، گڏجاڻيون اهڙيءَ ريت ڪوٺايون وينديون ۽ صدارت ڪئي ويندي ۽ اهڙي طريقي جيئن چيئرمين طرفان هدايت ڪئي وڃي. |

## باب _IV

## ماليات، آڊٽ ۽ اڪائونٽس

## Chapter_IV

## Finance, Audit and Accounts

| | |
|---|---|
| فنڊ<br>Fund | 16.(1) اٿارٽي جو هڪ ڏار فنڊ هوندو جنهن کي سنڌ ڪول اٿارٽي فنڊ سڏيو ويندو. |
| | (2)فنڊ مشتمل هوندو: |
| | (a) حڪومت يا ڪنهن لوڪل باڊي طرفان گرانٽس يا مليل سبسڊي؛ |
| | (b)قانون موجب حڪومت جي منظوري سان اٿارٽي طرفان گڏ ڪيل يا حاصل ڪيل قرض؛ |

(c) هن آرڊيننس تحت وصولي لائق فيس ۽ ٻيون چارجز.

(d) اٿارٽي طرفان وصولي لائق ٻيون سموريون رقمون.

(3) فنڊ ۾ جمع ڪيل رقمون بورڊ طرفان منظور ڪيل ڪنهن شيڊولڊ بئنڪ ۾ جمع ڪيون وينديون.

(4) فنڊ هن آرڊيننس جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيو ويندو، بشمول قرضن ۽ وياج جي ادائگي، ۽ پگهارن ۽ هن آرڊيننس تحت واجب الادا ٿيئي معاوضي جي.

(5) اٿارٽي پنهنجا اضافي فنڊز وفاقي حڪومت يا صوبائي حڪومت جي ڪنهن سڪيورٽي يا حڪومت طرفان منظور ڪيل ٻي ڪنهن سڪيورٽي يا اسڪيم ۾ سيڙائي سگهي ٿي.

| | |
|---|---|
| اڪائونٽس ۽ آڊٽ<br>Accounts and Audit | 17.(1) اٿارٽي مڪمل ۽ درست اڪائونٽس آڊيٽر جنرل پاڪستان جي مشاورت سان اهڙي طريقي ۽ اهڙيءَ ريت رکندي جيئن قاعدن موجب بيان ڪيو ويو هجي.<br>(2) اٿارٽي جا اڪائونٽس هر سال آڊيٽر جنرل آف پاڪستان طرفان اهڙي طريقي آڊٽ ڪيا ويندا، جيئن قاعدن موجب بيان ڪيو ويو هجي. |
| رهتن جي بازيابي<br>Recovery of dues | 18.اٿارٽي کي ڪنهن شخص، باڊي يا تنظيم طرفان واجب الادا سموريون رقمون لينڊ روينيو جي رهتن طور اوڳاڙي لائق هونديون. |

## باب _ V

## متفرقات

## Chapter_V

## Miscellaneous

هدايت ڏيڻ لاءِ حڪومت جا اختيار
Powers of Government to give direction

19.(1) حڪومت اٿارٽي کان ڪو ڪاغذ، ريٽرنس، بيان، انگ اکر يا ڪا ٻي معلومات ڪنهن معاملي جي سلسلي ۾، طلب ڪري سگهي ٿي، جيڪا اٿارٽي جي ضابطي هيٺ هجي ۽ اٿارٽي اهڙي درخواست تي عمل ڪندي.

(2) اٿارٽي مالي سال ختم ٿيڻ جي ٽن مهينن اندر پنهنجي مالي سال لاءِ ڪاروهنوار جي رپورٽ حڪومت کي جمع ڪرائيندي.

اختيارن جي منتقلي
Delegation of Powers

20.(1) اٿارٽي عام يا خاص حڪم ذريعي ۽ اهڙين شرطن موجب، جيڪي اها مڙهي، چيئرمين، ڊائريڪٽر جنرل يا پنهنجي عملدار يا ملازم کي پنهنجا ڪي اختيار، ذميداريون يا هن آرڊيننس يا قاعدن ۽ ان سلسلي ۾ جوڙيل ضابطن تحت ڪم منتقل ڪري سگهي ٿي.

(2)چيئرمين يا ڊائريڪٽر جنرل، ڪنهن عملدار يا ملازم يا اٿارٽي کي هن آرڊيننس تحت پنهنجي اختيارن مان ڪي به سواءِ ذيلي دفعه (1) تحت سونپيل اختيارن جي منتقل ڪري سگهي ٿو.

سرڪاري ملازم
Public Servant

21. چيئرمين، ڊائريڪٽر جنرل، عملدار، مشير، صلاحڪار يا اٿارٽي جا ملازم جڏهن هن آرڊيننس، قاعدن يا ضابطن تحت ڪم ڪري رهيا هجن يا ايئن ظاهر ڪري رهيا هجن،

| | |
|---|---|
| اهي پاڪستان پينل ڪوڊ جي دفعہ 21 جي مفهوم موجب سرڪاري ملازم سمجهيا ويندا. | |
| 22.اٿارٽي جو ڪو بہ قدم يا ڪارروائي بورڊ ۾ آسامي يا ان جي جوڙجڪ سبب غير موثر نہ هوندو. | قدمن ۽ ڪارروائين جو موثر هئڻ<br>Validation of acts and proceedings |
| 23.هن آرڊيننس، قاعدن يا ضابطن تحت ڪجھ بہ سٺي نيت سان ڪرڻ جي سلسلي ۾ يا سٺي نيت سان ڪجھ ڪرڻ جو ارادو رکڻ تي ڪو بہ مقدمو ڪيس يا ٻي قانوني ڪارروائي اٿارٽي، چيئرمين، ڊائريڪٽر جنرل يا اٿارٽي جي ڪنهن عملدار خلاف نہ ڪيا ويندا. | ضمانت<br>Indemnity |
| 24.حڪومت هن آرڊيننس جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ قاعدا جوڙي سگهي ٿي. | قاعدا<br>Rules |
| 25.اٿارٽي قاعدن ۾ نہ فراهم ڪيل سمورن معاملن لاءِ ۽ جن لاءِ هن آرڊيننس ۽ قاعدن جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ گنجائش ضروري هجي، ضابطا جوڙي سگهي ٿي. | ضابطا<br>Regulations |

**نوٽ:آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**